سماجڪ ڪهاڻين

جو مجموعو

ڪَلِجُگِي ڪُنتي

ليکڪ :-

ايم. ٽي. پاڻيم


ڪلجڳي ڪنتي

ماجڪ ڪهاڻين جو مجموعو

پو پهريون]
[ڪاپيون ٥٠٠

ليکڪ:-
ايم. ٽي. ڀاٽيا اجمير

ليکڪ جا ٻه اکر



هيءُ منهنجو ڇهون ڪتاب آهي. اڳ ڇهن ڪتابن کي گهڻن ئي ساهتيڪارن ۽ ليکڪن ۽ ادبين ساراهيو آهي. اميد ته هيءُ منهنجو نئون ڪتاب "ڪلجڳي ڪٿي" به سڀني کي پسند ايندو. هن ڪتاب ۾ سماجڪ اوڻاين ڏنل آهن. هن ڪتاب ڇپجڻ وقت مون کي ڪافي ڏک لڳو جو منهنجو ننڍو ساٿو شري گلاب ننداڻي جو دهلي ۾ 22-12-95 تي دل جي تڪليف ڪري سرڳواس ٿيو. هو هڪ ملنسار انسان هو، هو هر وقت هر ڪنهن سان ڪارڻ لاءِ مون کي همت ڏياريندو هو. اهڙي قدر جو ڪتاب ڇپائڻ جي باري ۾ ڪافي مدد ڪندو هو. سندس عمر وڏي ڪونه هئي. هو ٦٢ سالن جو هو. جنهن جي ياد هر وقت ستائيندي رهندي. مان شڪرگذار آهيان راجستان سنڌي اڪادمي وارن جو جن مون کي مالي مدد ڪئي. شري ڪشن موٽواڻي جو جنهن سنڌو پرنٽنگ پريس مان ڪتاب وقت تي ڇپي ڏنو. مان سنت سوامي ساڌو رام صاحب هالاڻي

Kaljugi Kunti

(Collection of Social Short Stories)

By :

M. T. BHATIA
M.A.

508/25, Bhang Baori, AJMER-305001

First Edition : 1995

Published by :

M. T. BHATIA
M.A.

508/25, Bhang Baori, AJMER-305001

Printed by :

Sunder Printing Press,
Kaiser Ganj, AJMER-305001

Price : Rs. 20/-

This book has been Published with financial assistance of Rajasthan Sindhi Academy

ڪلجڳي ڪتي

هوءَ بدن جي ٻرال ۽ شڪل جي سهڻي هئي.
سندس منهن ۾ لعلائي هئي ۽ سندس مک تي مرڪ
ڪونه هوندي هئي. سندس ڌڻيءَ جو نالو ٻوڪرداس
هو. سندس ڌڻيءَ جي مالي حالت سٺي ڪونه هئي.
جني ڪ، سندس مائٽي هلندي هئي، انهيءَ هنڌان
”نه“ ۾ جواب ملندو هو، ڇاڪاڻ ته سڀني کي اها
خبر هئي ته سندس مائٽ ڪمس ڏيڻي ليڻي ڪونه
ڏئي سگهندا. هن جو نالو ”ڪتي“ هو. سندس
مائٽي ڪٽي ڪ. نه ٿيڻ ڪري هوءَ اداس رهندي
هئي. سندس منهن هميشه ملول رهندو هو.
وڇوڙن ڪتي جي مڱڻي لاءِ ڪافي ڇوڪرا ڏٺا ۽
ڪافي گهر ڏٺا، ٻر ڪنهن کي ڪ ٻوڪرداس جو گهر
پسند ڪونه هو، ڇاڪاڻ ته ٻوڪرداس جي ساک
شهر ۾ ڪونه هئي. چوندا آهن، ”ڪوشش سان
فتحيابي هڪ نه هڪ ڏينهن ٻير چمندي آهي.“
سو وڇوڙن وڃي ڪيول ماءُ کي پڪڙيو. ڪيول

دربار صاحب اجمير ۾ شري ديوداس ديواني، هرش ورياڻي ايڊيٽر هندو ۽ پنهنجي ڌرمپتني مسز ليلا ٻانيءَ جو، جن ڪنهن نه ڪنهن روپ ۾ مدد ڪئي ۽ صلاحون ڏنيون.

ايم. ٽي. ڀاٽيه
ايم. اي.
اجمير

ٽيليفون نمبر : 32766

فهرست

صفحو

هئي. ڪٿي جو هيڪي گهر رهڻ ڪري ڪيول
هوٽلن تي روٽي کائيندو هو. وقت گذرندي ڪيول
کي پنجهه ٻار پيدا ٿيا. ٻئي طرف ڪٿي جي ماءُ
به گذاري ويئي. ڪٿي ٻارن سوڌي اچي هيڪي
گهر رهي. ٻارڻ ۽ ٻار سنڌس هيڪي گهر ٻاجهڻ ۽ پڙهڻ
لڳا. ٻارن جو پيار ناني ۽ مامن سان هو. هنن جو
ايءُ ڏانهن جهڪاءُ گهٽ هو. اهڙي قدر جو هو ايءُ
کي سڃاڻڻ به ڪونه لڳا. هو ناناڻن کي سڀڪجهه
سمجهڻ لڳا.

هينئر ڪٿي ٥٠ سالن جي اچي ٿي، پر سنڌس
من ۾ ڪوبه ڦيرو ڪونه آيو. ڪيول به اچي ٥٥ سالن
جو ٿيو. هو رٽائر ڪرڻ تي اچي پهتو. سنڌس من
۾ تمنا هئي ته سنڌس زال ۽ ٻار سنڌس رٽائرمينٽ
تي اچن. سنڌس زال اچي سنڌس آرتي اتاري.
ائين ڪونه ٿيو. ڪيول رٽائر ڪري اڪيلو اچي گهر
پهتو. هو ڏاڍو مايوس هو. هن جي من ۾ جيڪي
اسنا هئا سي سڀ مٽيءَ ۾ ملي ويا. هو انهيءَ دک
۾ ڪجهه ڪلاڪ پدا گهر ۾ اچي ڪٽ تي ليٽي پيو ۽
ڪروٽون پيو ليٽندو رهيو. سوچيندي، سوچيندي
سنڌس اکين ۾ پاڻي اچي ويو. ڏاڍي، ڏاڍي
پنهنجو پاڻ کي چوڻ لڳو، "منهن جي رٽائرمينٽ
تي منهن جي سڳي زال ۽ ٻار به ڪونه آيا. ڪهڙو

ماءُ ڀڳوان جي ڀڳتياڻي هئي. هميشه ايشور جو نالو سندس مک ۾ هوندو هو. ڪيول ماءُ جو خاندان ٺوڪرداس جي خاندان کان وڌيڪ اوچو ۽ شاهانو هو. ٺوڪرداس هن جي جٽي برابر ڪونه هو. نيٺ هڪ ڏينهن وچوارن ڪيول ماءُ کي چيو، "امان اسان تنهن جي در تي ڪانءِ ٻڌي ٿا وڃون. توهان قبول ڪريو." ٻئي طرف ڪيول هس مک ۽ ڳڀرو جوان هو. هو پاڻ ۾ پنج ڀائر پيدا هئا. ڪيول سڀني ۾ وڏو هو. ڪيول سڀاءَ جو ٿورو ڪنجوس هو. ٻئي طرف ڪنتي ماءُ پيءُ جي لاڏلي ۽ سڪيلڌي ڌيءُ هئي. هوءَ هٿ ڦاٽ ۽ فيشنبل هئي. ڪنتي کي ٣ ڀائر هئا. ڪيول ۽ ڪنتي جي خيال مان اٿين پي ڏسڻ ۾ آيو ته اها شادي ڪامياب ڪونه ٿيندي. نيٺ ٻنهي جي شادي ٿي. شادي ٿيڻ جي سال ڪانپوءِ ٺوڪرداس جو ڌنڌو ڌاڙي، ڏاڍي هلڻ لڳو. ڪيول کي به هڪ پٽ ڄائو. وقت اهڙو اچي بدليو جو ٺوڪرداس جا پٽ ٻڙهي ٿيا. ٺوڪرداس جو ڌنڌو هيٺئين سٺو هلڻ لڳو. ڪيس ڪافي پئسو ٿيو. هيٺئر ٺوڪرداس ته ساڳيو ٺوڪرداس نه رهيو. ڪنتي تي ماءُ اهڙو منتر پڙهيو جو هوءَ مڙس کي ڇڏي ڪافي وقت مائٽن وٽ رهندي هئي. انهيءَ ڪري ڪيول ۽ ڪنتي جي وچ ۾ اڻبڻت رهندي

ڪيول ڪنتيءَ سان ملڻ لاءِ اندر ڪمري ۾ ويو.
ڪيول جيئن ڪنتي سان ڳلي ملڻ ٿي چاهيو ته،
ڪنتيءَ منهن ڦيري ڇڏيو.

ڪيول ڪنتي کي پيار سان چيو، "ڪنتي مان
آهيان ڪيول."

ڪنتي چيو، "ڪهڙو ڪيول؟ مان ته، توکي
ڪونه سڃاڻان. اهو ڪيول ته انهيءَ ڏينهن گذاري
ويو جنهن ڏينهن مان ڪيس ڇڏي آيس."

ڪيول چيو، "مون ته توکي ڪونه ڇڏيو آهي.
مون ته توکي ڪڏهن به ڪجهه ڪونه چيو، تون ته
پاڻيهي گهر ڇڏي وڃي پيڪي گهر رهڻ لڳينءَ.
ڇا تون مون وٽ پنهنجي مطلب سان ايندي
هئينءَ؟"

ڪنتي چيو، "تو مون کي ڪهڙو پاليو پيا تو
ڪهڙي ٻارن جي سنڀال ڪئي. شاباس منهنجي
ماءُ کي آهي جنهن مون کي ۽ ٻارن کي پاليو ۽
پڙهايو." ڪنتي جوش ۾ چيو، "تون اڄ سمجهه
ته تون مون لاءِ ڪونه آهين."

ڪيول کي به غصو اچي ويو ۽ جوش ۾ چوڻ لڳو،
"توکي اهي ڏينهن وسري ويا جو تنهن جو پيءُ
پئسي پئسي لاءِ محتاج هو، تنهن جي ماءُ پاڻ
ڪندي هئي. مون تنهن جي ٻارن کي ٽڙ هاٿڻ ۾

نه وقت آيو آهي! ڇا منهن جي زال ۽ منهن جا ٻار مون کي هميشه لاءِ ڇڏي ويا؟ هن کي ڪتيءَ لاءِ اندر ۾ ڏاڍو پيار هو. هو هميشه ڪتيءَ لاءِ پيو سوچيندو هو ته ڪتي کي هن لاءِ ڪا به پرواهه ڪانه هئي. رنڍ. ٿيڻ ڪانپوءِ هو اڪيلو رهڻ لڳو. هڪ ڏينهن سندس من ۾ زال ۽ ٻارن سان ملڻ جو خيال ٿيو. ڪيول ساهري گهر ويو. ساهري گهر گهڙڻ سان سندس سهري چيو، ”تون ڇو آيو آهين؟ توکي ڪنهن سڏايو آهي؟“

ڪيول چيوس، ”مان ٻارن سان ملڻ آيو آهيان.“

پوڪرداس رڙ ڪندي چيو، ”تنهن جو هينئر ٻارن ۽ زال سان ڪهڙو واسطو؟ تون هينئر سمجهه، ته ڪتي تنهن جي دل جي پٽي تان هميشه، هميشه لاءِ مٽجي وئي آهي تون ڪتي کي وساري ڇڏ. تو ٻارن ۽ زال کي ڪهڙو پڇيو؟ تو ٻارن لاءِ ڇا ڪيو؟ تون ڇو آيو آهين؟ مان تنهن جي منٿ ايها مهرباني ڪري سمجهائيندو ته جيڪڏهن تون اسان وٽ رهڻ چاهين ته توکي اسان جي چوڻ موجب هلڻو پوندو، نه ته تون واپس وڃي سگهين ٿو.“

ڪيول جي منهن جو رنگ لهي ويو. سهري کي چيائين، ”مان ڪتي جي خيال مان واقف ٿيڻ ٿو چاهيان ته هوءَ ڇا ٿي چاهي؟“

ڳو. ڪنهن ڏاڍو پٽي ڏڪ ٿيو. هڪ شهر ۾ رهندي
ڪيول هونءَ ئي روئڻ ڪاڻ لڳو. ڪيول جي
ٻارن جون شاديون ٿيون پر ڪيول کي شادين تي
ڪونه گهرايو ويو ۽ نه وري شاديءَ جي ڪارڊن
تي سندس نالو لکيو ويو. ٻارن جي شادي ٿاني
ڪرائي. ڪيول کي ٻار رستي تي ملندا هئا ته مٿهن
ڦيري ويندا هئا. ڪيول اهو سڀ ڪجهه ٿي سهندي
اندر ۾ ٽٽي پيو هو. ڪيول گهٽيءَ سڀني پٽيئا.
گهٽيءَ ٽڪاڻا گهميو ته ڪٿي ڪو گرو بابا راضي
ٿئي پر ڪو به ديو، ديوتا سندس مٿان راضي ڪونه
ٿيو. هڪ دفعي ڪيول جو من ڪونه رهيو. هو وري
ٻارن جي گهر ويو. گهر جي گهنٽي وڄائي. گهنٽي
جي آواز تي هڪ ڇوڪري ٻاهر نڪري آئي. هن
ڪيول کي ڏسي سس کي چيو، "امان خبر نه آهي ته
ڪهڙو ماڻهو آيو آهي؟ توهان سان ملڻ ٿو
چاهي."
اها ڇوڪري ٻي ڪا نه هئي پر سندس
نونهن هئي. پنهنجي نونهن جا اهڙا اکر ٻڌي
ڪيول جو دماغ چڪرائڻ لڳو ۽ سوچڻ لڳو ته
پنهنجي نونهن به مون کي نٿي سڃاڻي ۽ چوندي
ته اڻائي ڪهڙو ماڻهو آهي! سندس دل کي ڏاڍو
صدمو پهتو.

مدد ڪئي. اڄان ٿي چوڻ ته مون توهان لاءِ ڇا ڪيو! تنهن جي ايءُ توڪي ٻاڻ وٽ مطلب لاءِ رکيو."

ڪنتي غصي ۾ چيو، "منهن جي ايءُ جو ڪهڙو مطلب هو؟"

ڪيول چيو، "تنهن جي ايءُ توڪي ٻاڻ وٽ انهيءَ ڪري رکيو جو تنهن جي ماءُ جي موت کان پوءِ تون سندس ۽ سندس گهر جي سنڀال ڪرڻ. تون ماڻهن جي لاڏلي هئينءَ، انهيءَ ڪري هڻن توکي ٻاڻ کان ٻاري تي رکڻ چاهيو. تنهن جي ماڻهن توکي ڳالهه چئي ڪري ٻڌي ويا. تون ڳالهه نه آهين ۽ تون هڪ قسم جي چالاڪ لومڙي آهين. جو تون ڪنهن جي ڪم ڪو نه ٿي اچين. ڳالهه وري نه انسان کي سک نه ڏني ٿي."

ڪيول جا اهي اکر ٻڌي ڪنتي ۽ ڪيول جي وچ ۾ ڪافي گرما گرمي ٿي وئي. ڪنتي جوش ۾ اچي ڪري ڪيول کي چيو، "تون هيڻڙ جو هيڻڙ نڪري وڃ. تون منهن جي لاءِ ڪجهه به ڪو نه آهين. اهو ڪيول جيڪو منهن جو مڙس هو سو گذاري ويو. اڄ کان وٺي هن گهر ۾ پير نه پائج."

اهي اکر ٻڌي ڪيول جيڪو اڳ ۾ تنگ هو سو وڌ ٻڪ ٿي پيو. هو سڌو گهر آيو، زال جي حالت تي سوچڻ

اڄ ٻڌائيندو ته ڪتي ۽ سندس ٻار ڇا ڪندا؟
هيٺر ٦٢ سالن جو اڄي ٿيو آهي. هو ڏاڍن جي روني
ڪاڻي ر هيو آهي. اڄان ڏائين اِها خبر نه ڏسي ٻوي
ته ڏوه ڪنهن جو آهي؟ ڏوهاري ڪيول آهي
يا ڪتي؟ مڙيئي ڪان ٻڌو ۽ ڪيول جون ڄاڻون؛
ٻڍو ڪنهن جي ڏالي ڏيندو! ڇا ڪتي ٻيڻش
ونندي؟ ڇا ڪتي ٻنهن جي ٻٽس جو سڙاڏ
ڪندي؟

ڪنتي ٻاهر آئي، ڪيول کي ڏسندي ڪنتيءَ
جو پارو چڙهي ويو ۽ گرم ٿي وئي. ڪيول کي
ڏب ڪيندي چيائين، "تون وري آيو آهين، مون
توکي ڪيترا دفعا چيو آهي ته نه ايندو ڪر، توکي
شرم نٿو اچي، مان توسان نه ڳالهائڻ ٿي چاهيان ۽ نه
وري تنهن جي شڪل ڏسڻ ٿي چاهيان. خبردار
جي وري آيو آهين."

خبر نه آهي ته ڪنتي جي دل ۾ نفرت ڇو پيدا
ٿي آهي؟ ڪيول نه اهڙو انسان ڪو نه آهي، نه وري
ڪا هن ۾ عادت آهي. پوءِ وري هيءَ ڏرار ڇو؟
سندس ناهه ڪرائڻ لاءِ گهڻيئي جتا وچ ۾ ٿيا پر
سندس ناهه ڪو نه ٿيو. ٻئي هن وقت الڳ، الڳ
زندگي گذاري رهيا آهن. ڪنتي کان وڌيڪ
ڪيول دکي آهي جو روٽي ڪڏهن ڪٿي ته ڪڏهن
ڪٿي ٿو کائي. هن وقت هو ٿڪي پيو آهي. ڪيول
پاڳلن طرح گهلي رهيو آهي پر سندس اندر گهائل
آهي. خبر نه آهي ڪنهن وقت سندس موت اچي؟
ڪنتي ٻارن سان خوش وتي آهي.

مان سوچيندو آهيان ته ڇا ڪيول جي مرڻ کان
پوءِ ڪنتي سفيد ڪپڙا پائي پاڻ کي ودوا سڏائيندي؟
ڇا سندس ٻار ڪيول کي ڪلهو ڏيندا؟ اهو وقت

هن جو علاج ڪندس."

ڊاڪٽر سندس علاج شروع ڪيو. هوءَ هفتي کن ۾ اُٿڻ وهڻ جهڙي ٿي. پر اڃان هوءَ ڪمزور هئي. ڊاڪٽر هڪ ڏينهن موقعو ڏسي ڪري ڪائونس پڇيو، "تنهن جو نالو ڇا آهي؟ تون ڪٿان آهين؟ تنهن جو گهر ڪٿي آهي؟ تنهن جو ڪو مٽ مائٽ آهي؟ تو سان هي حادثو ڪيئن ٿيو؟" اهڙي طرح ڊاڪٽر ڪائونس هڪ دفعي ۾ ۴، ۵ سوال پڇيا.

هن چيو، "منهن جو نالو پدما آهي." هن وڌيڪ ٻڌائڻ کان انڪار ڪيو.

هڪڙي ڏينهن ڊاڪٽر وري چيو، "پدما، تون سمجهه ته تون منهن جي ڌيءَ آهين. مون کي ڌيءَ ڪونه آهي، تون منهن جي ڌيءَ جي جاءِ تي، ٻڌو تون مون کي اهو ٻڌاءِ ته تنهن جا مائٽ ڪٿي آهن؟" پدما ڪوبه جواب ڪونه ڏنو.

ڊاڪٽر اڪيلو رهندو هو. ڪيس هڪ پٽ هو، جيڪو ڊاڪٽري پڙهندو هو: سندس پٽ جو نالو سهيل هو. سندس پٽ جي عمر تقريباً ۲۴ سال هئي. پدما هينئر ڪافي ٺيڪ ٿي ويئي هئي. هينئر پدما ڪافي سهڻي لڳي رهي هئي. ڊاڪٽر سندس سونهن ڏسي حيرت ۾ پئجي ويو. هڪ ڏينهن پدما

بدلو

هن کي هڪ خانگي اسپتال ۾ ڀرتي ڪرايو ويو. هن سان ڪو حادثو ٿيو هو. سندس سڄو سر ۽ رت سان ڀريل هو. رت جي وهڻ ڪري هوءَ بيهوش ٿي ويئي هئي. سندس منهن مان اهي اکر ٻي نڪتا، "مان توکي ڪو نه ڇڏيندس ۽ مان توکي ڪو نه ڇڏيندس." سندس اها رت منهن مان نڪري رهي هئي. هوءَ شڪل جي ڪافي سهڻي هئي. سندس ڪارا وار واسنگ ناڳ وانگر هئا. سندس ڏند موتين وانگر سفيد هئا. سندس لعل ڳل گهڻي خون وهڻ ڪري پيلا ٿي ويا هئا. سندس شڪل مان ائين پئي معلوم ٿيو ته هوءَ ڪا وڏي گهراڻي آهي. سندس حادثو ڪيئن ٿيو؟ اها خبر ڪنهن کي ڪو نه هئي. ڊاڪٽر کيس ڏسي ڪري پنهن جي اسپتال ۾ هڪدم ڀرتي ڪيو. جيڪي کيس کڻي آيا، انهن مان ڪو به سندس مائٽ ڪو نه هو، ڊاڪٽر کي سندس مٿان رحم اچي ويو. کڻي ايندڙن کي ڊاڪٽر چيو، "توهان سڀيئي وڃو، مان پاڻيهي

قدم اڳتي کڻڻ چاهيو، جيستائين ڪ ڪيس پدما جي
پوري ڄاڻ ڪونه ملي آهي.
سپيل و انجيڪشن ڏياري هليو ويو.
ڊاڪٽر هڪڙي ڏينهن پدما کان پڇيو، "تون
ڇا پڙهيل آهين؟"
پدما چيو، "اي.اي. ڪئي اٿم."
ڊاڪٽر ڪائونس پڇيو، "تون سيوا ڪرڻ چاهين
ٿي؟ ڇا تون نرس ٿيڻ چاهين ٿي؟"
پدما چيو، "ها."
ڊاڪٽر هينئر ڪيس نرس جو ڪم سيکارڻ لڳو.
پدما لڳن ۽ پورم سان ڪم ڪرڻ لڳي. هاڻي هوءَ
ڊاڪٽر جي گهر ۾ ڪم ڪرڻ لڳي. پدما پنهنجي
هٿ سان روٽي پچائيندي هئي. جيڪا پاڻ ۽
ڊاڪٽر کائيندو هو. هونئن ڊاڪٽر وٽ نوڪر روٽي
۽ گهر جو ڪم ڪندا هئا، پر هينئر پدما گهر جو سڄو
ڪم ڪرڻ لڳي. ڊاڪٽر ۽ پدما هڪئي ٽيبل تي
پيءُ ڌيءُ وانگر روٽي کائيندا هئا.
هڪڙي ڏينهن ٽيبل تي روٽي کائيندي، ڊاڪٽر
وري پدما کان پڇيو، "تون ڪير آهين؟ تنهنجا
مائٽ ڪٿي آهن؟"
اڄ پدما رهي نه سگهي. ڊاڪٽر کي سڄي
حقيقت ڪري ٻڌائين ۽ چوڻ لڳي، "مان فلاڻي

اُداس ورتي هئي. سندس اها حالت ڏسي ڊاڪٽر سندس پرسان اچي ويٺو. ساڻس ننهن جي زندگي ۽ پٽ جون ڳالهيون ڪرڻ لڳو ۽ کيس چوڻ لڳو، ”سنيل جو ڪاليج بند ٿيو آهي. خبر نه آهي ته ڪڏهن اچي؟ مون کي سندس جي ڏاڍي ياد ٿي اچي.“

اڃان سنيل جي باري ۾ ڊاڪٽر ڳالهيون ڪري رهيو هو ته ايتري ۾ در تي گهنٽي وڳي. پدما اُٿي ڪري دروازو کولڻ وئي. دروازو کلندي، هڪ سهڻو، بدن جو پورال جوان گهر ۾ گهڙي آيو. کيس ڏسندي، ڊاڪٽر رڙ ڪندي چيو، ”سنيل تون اچي وئين! مان تنهن جي باري ۾ هن سان يعني ڪ پدما سان ڳالهه ڪري رهيو هئس.“ سنيل پدما کي ڏسندي، سنيل من ئي من ۾ سندس سونهن جي ساراهه ڪرڻ لڳو. سوچڻ لڳو ته پدما ڪيڏي نه سهڻي آهي!

سنيل ۵، ۶ ڏينهن وڪيشن جا پنهنجي پيءُ ڊاڪٽر سان گذاريندو هو، پر هيئنر سندس ارادو سڄي وڪيشن پيءُ سان گذارڻ جو هو. ڊاڪٽر سمجهي ويو ته سنيل منهنجي ڪري نه، پر پدما جي ڪري اتي رهڻ چاهي. ڊاڪٽر جي به دلي تمنا هئي ته پدما سندس نونهن ٿئي. ڊاڪٽر تڪڙو

نه هو دل جو مضبوط ڪونه هو. اسان ٻنهي ڪمرو
وٺي گڏ رهيا سين. موهن هفتو کن رهيو. انهن کان
پوءِ موهن نوڪري جي تلاش جو بهانو ڪري گهر
ڏي ويو پر وري واپس ڪونه آيو. مان توهان کي
هڪ ڳالهه قسم کڻي ٿي ٻڌايان ته مان اڄـان تائين
پاڪ ۽ پوتر آهيان. مون موهن سان اهڙو ڪو به ڪم
ڪونه ڪيو جو مون کي شرم اچڻ گهرجي. توهان
کي اعتبار نه ٿو اچي، پر مان وري به چوندس ته
مان پوتر آهيان." ائين چئي ڪري هوءَ زور زور
سان روئڻ لڳي.

ڊاڪٽر ڪمس ٻليءَ وانگر ٻرڇائڻ لڳو ۽ کيس
چيائين، "پٽ، اهي غلطيون جوانيءَ ۾ ٿينديون
آهن. تون ڪابه چنتا نه ڪر، مان توسان ويٺو
آهيان."

پدما ڳالهه جو سلسلو جاري رکندي چيو، "مان
نوڪريءَ جي ڳولها لاءِ نڪتس. مون ڇا ڏٺو ته
موهن هڪ ٻي ڇوڪريءَ سان گهمي رهيو هو. مون
جنهن وقت موهن کي ڇوڪريءَ سان گڏ ڏٺو ته
منهن جو مغز چڪر کائڻ لڳو ۽ مان ڪري پيس.
پوءِ ڇا ٿيو؟ اها مون کي خبر ڪونه آهي. مون پاڻ
کي توهان جي اسپتال ۾ ڏٺو." ائين چئي ڪري
پدما وري زور زور سان روئڻ لڳي.

ڳوٺ جي رهاڪو آهيان. منهن جي پيءُ جو نالو
رامچند هو. منهن جو پيءُ هيڊ ڪلارڪ هو. اسين
ٻار ۾ ٢ ڀائر ۽ هڪ ڀيڻ آهيون. مان پيءُ جي
سڪيلڌي ڌيءَ هيس. مان جنهن وقت مئٽرڪ ۾
هيس ته منهن جي ماءُ گذاري وئي. انهيءَ وقت
منهن جي عمر ١٦ سال هئي. منهن جا ٻئي ڀائر
شادي ڪيل آهن. مان جيئن ڪاليج ۾ گهڙيس ته
منهن جو پيءُ گذاري ويو. منهن جا ڀائر پنهن جي
ٻارن ۽ زال سان خوش ويٺا هوندا هئا. هن جو
مون ڏانهن رخ گهٽ هوندو هو. هو ڪڏهن ڪڏهن
ڳالهائيندا هئا. منهن جي ڀاجائن ۾ اهو پيار ڪونه
هو. مون جيئن تيئن ڪري بي. اي. پاس ڪئي.
منهن جي پاڙي ۾ موهن نالي هڪ شاهوڪار جو
پٽ رهندو هو. هو مون سان گڏ پڙهندو هو. منهن
جو هن سان پيار ٿي ويو هو. هو ڏسڻ جو ۽ سڀاءَ
جو تمام سٺو هو. مون کي سندس اندر جو پتو پئجي
ڪونه سگهيو. هن مون سان شادي ڪرڻ جو واعدو
ڪيو.

هڪڙي رات مان ۽ موهن گهر مان ڀڄي نڪتاسين.
مان پنهن جا زيور ۽ روپيه ڪڍي نڪتس. اسان ٻئي
هن شهر ۾ اچي رهياسين. موهن ته مون سان بي. اي.
پاس ڪئي هئي. هن جي ڪمزوري صرف اها هئي

ٽي آلي. پدما جيئن مريض کي پاڻي پيارڻ لاءِ
ڪتي وڌي ۽ کيس سهارو ڏنو ته سندس هٿ ڏڪڻ
ڳا. سندس منهن غصي ۾ لعل ٿي ويو سندس
ن چڙي رهيو هو، "اي پدما! تون هيتري بدلو
رت، ڏنهن جي بدلي وڃڻ جو وقت آهي."
ٽي طرف سندس من چڙي رهيو هو، "اي
پدما! تو قسم کنيو آهي ته نرس جي ڊيوٽي آهي
ته پدا ڪنهن ڌرم جي مريض جي شيوا ڪرڻ گهرجي.
تون اٿ، مريض کي پاڻي پيار." پدما هيتري اسن
پاهين ۾ اچي ڦاٿي.

پدما ٻنهي جي سوچ ۾ اڃي هئي ته مريض زور
زور سان چوڻ لڳو، "پاڻي، پاڻي." هو پدا پاڻيءَ
جي ڏيڙي رهيو هو. مريض ٻيو ڪو نه، هو ٻيو
هو "موهن" هو، جنهن کيس ڌوکو ڏنو هو. پدما
سوچي رهي هئي ته ڇا ڪريان؟ موهن کي پاڻي
پيارڻيان يا نه؟

پدما انهيءَ سوچ ۾ هئي ته وري "پاڻي، پاڻي"
جو آواز آيو. پدما ٻنهي جي ڊيوٽي اڳاهڻ جي ڄالي
موهن کي پاڻي پيارڻيو.

پاڻي پيئڻ سان موهن جون اکيون کليون. موهن
جڏهن ڏٺو ته پاڻي پيارڻ ڏيو ٻيو ڪو نه، آهي
ٻار پدما هئي، انهيءَ وقت موهن وري بيهوش ٿي

ڊاڪٽر جي همٿ ڏيارڻ تي هوءَ چپ ٿي وئي

ڊاڪٽر پدما کي چيو، "پدما مان توکي هڪ
صلاح ٿو ڏيان، جيڪا تون ڌيان سان ٻڌ. تنهن سان
گڏ نرس جي اڻ ٻڌائي ٻڌ. نرس جي نوڪري
شيوا جي نوڪري آهي. هن جي نظر ۾ سڀئي مريض
هڪ سمان آهن. غريب ۽ شاهوڪار هڪ سمان آهن
نرس جي نظر ۾ ٻئي برابر آهن. دوست ۽ دشمن
کي هڪ نظر سان ڏٺو ويندو آهي. تون اهو ياد رک
تون نرس سان گڏوگڏ هڪ شيواڌاري آهين."

هڪڙي ڏينهن ڊاڪٽر جي اسپتال ۾ هڪ گنڀير
روپ سان گهايل مريض آيو. انهيءَ وقت پدما گهر
۾ هئي. اسپتال ۽ ڊاڪٽر جو گهر لڳو لڳ هو
ڊاڪٽر مريض کي ڏسي گهٻرائجي ويو. ڊاڪٽر
هڪدم مريض جي علاج ۾ لڳي ويو. ڊاڪٽر مريض
جو علاج ڪري گهر ڏانهن وڃي رهيو هو ته پدما
نوڪريءَ لئي آئي.

ڊاڪٽر پدما کي چيو، "پدما هن مريض جي
حالت تمام خراب آهي. تون سندس خيال رکج."
ائين چئي ڊاڪٽر هليو ويو.

ٿوري وقت کانپوءِ مريض کي سجاڳي ٿي
چوڻ لڳو، "پاڻي، پاڻي."

سندس اهي اکر ٻڌي! پدما سندس لاءِ پاڻي

جنم جنم جو ڦيرو

"هيلو، توهان جي طبيعت ڪيئن آهي؟" اِئين چئي ڪري ڪنهن ٽيليفون بند ڪري ڇڏي. ٽيليفون تي اهي اکر ٻڌي ڪري آنند ٿوري وقت لاءِ تعجب ۾ پئجي ويو. آنند سوچڻ لڳو، "ڪنهن جو ٽيليفون هو؟" ٻيو سوچيائين ته شايد ڪنهن غلط نمبر گهمايو آهي. آنند آرام سان آفيس جا فائيل ڏسڻ لڳو. سندس جو روز جو نيم هوندو هو ته هو سڀ ڪم کان فارغ ٿي ڪري اچي پنهن جي ٽيبل تي ٦ بجي صبوح جو ڪاغذ ڏسندو هو؛ آفيس جا فائيل صحي ڪندو هو. سندس نوڪر چانهه به ٽيبل تي کڻي ايندو هو. آنند جي زال کي گذاري ٻه سال مس ٿيا هئا. آنند جي دل ۾ ڪڏهن به ٻي شادي ڪرڻ جو ڪو به خيال پيدا ڪونه ٿيو هو. جيتوڻيڪ پاڻ آفيسر هو، سندس پريوار به ننڍي هئي. ڪيس هڪ پٽ هو جنهن جي عمر ٨ سال هئي. هو هاسٽل ۾ رهندو هو. آنند پاڻ هڪ وڏي عاليشان سرڪاري بنگلي ۾ اڪيلو رهندو هو. روٽي ڇوڪراسي ڪندو هو.

ويو. ٿوري وقت کانپوءِ موهن وري هوش ۾ آيو ۽ پدما کان معافي وٺڻ لڳو. موهن جو ڪافي خون وهڻ ڪري هن ۾ ڳالهائڻ جي همت ڪو نہ هئي جو هو ڳالهائي سگهي.

ايتري ۾ ڊاڪٽر اچي ويو. موهن اکيون کوليون ۽ ڊاڪٽر کي چوڻ لڳو، "ڊاڪٽر صاحب! مان أهو پاپي إنسان آهيان جنهن هن پوتر آتما کي دوکو ڏنو آهي. مان پنهنجي ڇوڪريءَ سان پيچ وڌس ۽ هن کي اڪيلو ڇڏي ويس. پر انهيءَ ڇوڪريءَ اڄ منهنجو حال ڏٺو ڪرايو، جهڙيءَ طرح مون پدما جو حال ڏٺو ڪرايو هو. مون کي پدمن جي ڪرڻي جو ڦل ملي ويو. مان اڃا ڪو نہ سگهندس، پر مان وري چوانٿو ته پدما پاڪ ۽ پوتر آهي. هن کي مان بار بار نمسڪار ٿو ڪريان." ائين چوندي موهن جو آواز بند ٿي ويو ۽ وري نہ ڳالهائي سگهيو.

موهن جي موت جي ڪري پدما جي ايداي جي ڀاونا إنسانيت ۾ بدلجي وئي. ٻئي طرف ڊاڪٽر پدما کي پدمن جي ٻونهن ٻٽائڻ جو ٻڪو ارادو ڪيو.

——

صبوح جو پوري ٦ بجي فون ايندو هو. فون جي اچڻ ڪري آنند جي دل ۾ ڌڪ، پيدا ٿيندو هو. آنند ڪري ته ڇا ٿي سگهيو؟ ڇاڪاڻ ته، کيس خبر ئي نه ٿي پئجي سگهي ته ڪهڙي نمبر تان فون ٿو اچي ۽ فون ڪندڙ ڪير آهي؟"

اڄ پورو هفتو گذري ويو جو آنند کي فون ڪوا. آيو. آنند سمجهڻ لڳو، "فون ڪندڙ شاهد ڪا پاڳل هئي، جو مون کي روز فون ڪندي هئي. هاڻي شاهد کيس منهن جو نمبر وسري ويو آهي." آنند جڏهن وقت آفيس پهتو ته ڏٺائين ته سندس ٽيبل تي هڪ رنگ برنگي لفافو پيو آهي. هن اڪدم لفافو کوليو، پڙهيائين. لکيل هو،

" منهن جي دل جا راجا،

توهان ضرور سوچيندا هوندا ته توهان کي هيتر فون ڪير ٿو اچي. توهان اهو به سوچيندا هوندا ته مان شاهد پاڳل آهيان جو روز توهان کي فون ڪندي هيس. پر توهان اهو ياد رکو ته توهان جي ۽ منهن جي پراڻي واقفيت آهي. مان توهان جي من مندر جي ڪرپال ديوي آهيان پر ڇا ڪريان؟ مان توهان کي اڃان تائين وساري ڪونه سگهي آهيان. اڄ مان توهان سان شاليمار باغ ۾ ٦ بجي شام جو ملڻ ٿي چاهيان."

پيار ۾ مان توهان جي

"گوپي"

هن وقت سندس عمر ٣٥ سال هئي. هو شڪل
جو گورو، بدن جو ڀرپور هو. هميشه ٻيو مشڪندو
هو. پاڻ اهڙي طرح هلندو هو جو ڪنهن کي معلوم
نه ٿئي ته کيس ڪو زال جي گذاري وڃڻ جو ڏک
آهي، حقيقت ۾ کيس هميشه سرگواسي پتني جي
ياد دل ۾ هوندي هئي. آنند کي بدلي ٿي آئي ٣
مهينا مس ٿيا هئا ته اڄ ٻهراون دفعو ڪنهن اجنبي
عورت جو ٽيليفون آيو، سو به پڇي، "هيلو، توهان
جي طبيعت ڪيئن آهي؟" اهڙي ڪري آنند
لاءِ هڪ قسم جي پريشاني پيدا ٿي.

آنند ٩ بجي ٿي سڌي ڪار ۾ آفيس لاءِ
روانو ٿيو. آفيس ۾ سندس من ڪونه ٿي لڳو.
مٿيان اکر سندس دماغ ۾ گهمي رهيا هئا. وري
ٻئي ڏينهن ٦ بجي آنند جي ٽيليفون جي گهنٽي
وڳي. آنند ٽيليفون کنيو، وري ساڳيو آواز آيو،
"هيلو، توهان جي طبيعت ڪيئن آهي؟" آنند
پڇڻ جي ڪوشش ڪئي ته ٽيليفون بند ٿي ويو.
آنند ڏاڍو دکي ٿيڻ لڳو ۽ سوچڻ لڳو، "هي
ٽيليفون ڪنهن جو ٿو اچي؟ ڪير آهي جو منهن جي
من جو چين ٿو وڃائي؟ ڪير آهي جو روز فون ٿو
ڪري؟" آنند هر وقت اهي سوال پنهن جو پاڻ کان
پڇڻ لڳو. اهڙي طرح آنند کي ١٥ ڏينهن سانده

ڪري رهيا هئاسين نه او چتو اسان جي جيپ وڃي هڪ وڻ سان ٽڪرائي. اِهيءَ حادثي ۾ مان اڄ ڏي واس ٿيو ......"

وڏڙڪ گوپي جي منهن مان ڪو هڪ اکر ڪونه نڪتو. روئڻ ۾ اچي چڙڪي. آنند پاڻ سنڀالي نه سگهيو هڪدم گوپي کي ٻنهن جي طرف چڪي هنجا ڳوڙها اکڻ لڳو ۽ ٻرچاڻڻ لڳو. گوپي پاڻ سنڀاليو ۽ ٿورو ماري ٿي وٺي ۽ وڏڙڪ چوڻ لڳي، "منهن جي لاءِ لعل سڀ ڪجهه ڇڏي ويو." آنند وچ ۾ ڪاٽيندي چيو، "لعل گهڻا ٻار ڇڏي ويو؟" گوپي چپ ٿي وئي. آنند سمجهي ويو ڪيس ٻار ڪونه آهي. گوپي کي ٻنهنجو ٻناڻڻ لاءِ آنند گوپي کي رٽ ڏني. گوپي جواب نه ڏئي ڪري آنند جو هڪدم هٿ پڪڙيو. ساڻس وچي ڪار ۾ وٺي.

—

آنند سوچڻ لڳو ته باغ ڏانهن وڃان يا نه. پـ
خبر نه آهي ته ڪيئن ڪڙهي شڪتي شاليمار باغ
ڏانهن وٺي هلڻ لاءِ مجبور ڪري رهي هئي. آنند
ڪار جو رخ شاليمار باغ ڏانهن ڦيرايو. آنند باغ ۾
پهتو. چارون طرف نظر ڊوڙائڻ لڳو. ڪيس ڪو
نظر ڪونه آيو. چپ ڪري بينچ تي ويهي رهيو.
پوري ٦ بجي اچي ساڙهيءَ ۾ هڪ عورت کي
پنهنجي طرف ايندو ڏٺائين. انهيءَ عورت اچڻ
سان آنند کان پڇيو، "توهان جي طبيعت ڪيئن
آهي؟" آنند انهيءَ عورت کي غور سان ڏسڻ لڳو.
آنند ڪجهه چوڻ ٿي چاهيو، تنهن کان اڳ ۾ انهيءَ
عورت چيو، "مان آهيان گوپي." آنند سوچڻ ويٺو،
"گوپي ڪير آهي؟"

گوپي وڌيڪ چوڻ لڳي، "ڏهه سال اڳ ۾ توهان
جو مون سان مڱڻو ٿيو هو. توهان مون کي پسند ڪيو
هو. پر توهان جا مائٽ ڏاج ليئي جي ڪري
منهن جي مائٽن سان ڪونه ٺهيا. تنهن ڪري سال
کان پوءِ مڱڻو ختم ڪري ڇڏيو. منهن جي مائٽن منهن
جي شادي ٻئي هنڌ ڪرائي ڇڏي. منهن جي پتي
جو نالو "لعل" هو. پهريائين هو هڪ ڪلارڪ هو.
پنهن جي محنت سان هو فارسٽ آفيسر ٿي ويو.
هڪ ڀي دفعي هو ۽ مان جهنگلات جو سير

چاڪاڻ ته. اُهائيءَ نوجوان ڇوڪريءَ ڪي ڪپڙا ڪنهن
ڪنهن هنڌان ڦاٽل پيل هئا ۽ ٿوپا ڏنل هئا. ڪپڙن
مان انهين ئي معلوم ٿيو ته. هوءَ ڪا غريب آهي.
مهيش دل ۾ سوچيو ته مان ڇو وڃي فڪر ڪريان
ته هوءَ غريب آهي يا شاهوڪار. اس ٻنهن جي
رفتار سان هلي رهي هئي. ٻئي ڄڻا ڇپ ڪري
وڃنا هئا. ٿوري وقت کان پوءِ مهيش جي دل
ڪونه رهي، هن ڇوڪريءَ کان پڇيو، "تون ڪيڏانهن
وينديءَ؟ ڪٿي رهندي آهين؟ تنهن جا مائٽ ڇا
ڪندا آهن؟" هڪ ئي وقت مهيش ۴-۵ سوال ڇوڪريءَ
کان پڇيا.

ڇوڪريءَ جواب ڏيندي چيو، "منهن جو نالو
مينا آهي. مان ٻئرسان واري ٻوٽ ۾ رهندي آهيان.
منهن جي مائٽن سال اڳ منهن جي شادي ڪرائي.
منهنجو مڙس شرابي آهي. سڄو ڏينهن پيو دارون
پئي. ڪڏهن به ڪم تي ڪونه ويندو آهي. سڄو
ڏينهن پيو گهر ۾ مارڪٽ ڪندو آهي. انهيءَ ڪري
روز روز جي ڪلڪل کان مان بيزار ٿي پيئي آهيان.
ڪالهه به مون کي مار ڏنو اٿس. اڃان تائين منهن جي
پٺيءَ تي مار جا نشان پيئا آهن. سندس مار کان
تنگ اچي ڪري اڄ مون پڪو ٻڌو ن ڪيو آهي ته
پنهن جي پيڪي گهر وينديس. منهن جو پيڪو گهر

هم سفر

مهيش اڪيلو بس ۾ سفر ڪري رهيو هو. سفر
ڪندي هو قدرت جا نظارا هلندڙ بس مان ڏسي
رهيو هو. هو نظارا ڏسڻ ۾ ايترو محو هو جو کيس
اها خبر ڪونه ٿي پيئي ته ڪٿي آهي بس اهي
ڪهڙي رستي تان ٿي هلي. هو صرف قدرت جا
نظارا ڏسي رهيو هو. دل ئي دل ۾ مالڪ جي ساراه
ڪري رهيو هو. کيس اها به سڌ ڪونه ٿي پيئي
ته سندس ڀرسان ڪا هڪ سيٽ خالي آهي. هو
پنهنجي خيالن مان تڏهن سجاڳ ٿيو، جڏهن هن
ڏٺو ته هڪ نوجوان ڇوڪري سندس ڀرسان اچي
ويٺي. مهيش ٿورو وقت من ئي من ۾ هن جي سونهن
جي ساراه ڪرڻ لڳو. نوجوان ڇوڪري بيحد حسين
هئي. بدن جي سنهي هئي. سندس ڳلن جي لعلائي
ائين ٿي نظر آئي جڻڪ ڳلن کي روڄ لڳايو اٿس.
چپ ڳاڙها اهڙي طرح ٿي لڳا جڻڪ چپن کي لپسٽڪ
هنئي اٿس. سندس نڪس ڏسي ڪري مهيش دنگ
رهجي ويو. ٿو کيس هڪ ڳالهه ڏاڍو تعجب ۾ وڌ

کيس وٺڻ آيو. رستي ۾ رميش ۽ مهيش ڳالهيون
ڪندا پئي آيا. ڳالهين ڪندي مهيش مينا جي ڳالهه
رميش کي ٻڌائي. رميش مهيش جي ڳالهه ٻـڌي
وڏا، وڏا ٽهڪ ڏيڻ لڳو.

رميش مهيش کي چيو، "دوست، ڇوڪري تنهن
جو ڪجهه ڪٿي نه ڪوڻ وئي!"

مهيش چوڻ لڳو، "يار! هوءَ نه شادي شده
هئي. منهن جو ڇا ڪٿي وهندي؟ هوءَ نه ڏکي
آتما هئي."

رميش کلندي چيو، "مهيش منهن جو اهو مطلب
ڪونه آهي ته هوءَ تنهنجي دل ڏٺي وئي، منهنجي
چوڻ جو مطلب آهي ته تنهنجي چوري نه ڪونه
ڪري وئي؟"

مهيش چيو، "نه".

ڳالهيون ڪندي ٻئي گهر اچي پهتا. مهيش جيئن
ٻنهن جي سوٽ جي کيسي ۾ هٿ وڌو ته سندس
رنگ نڪري ويئي، ڇاڪاڻ ته سندس پئون نڪري
ويو. سندس رنگ ٻڌي ڪري رميش ڊوڙندو آيو ۽
مهيش کان رنگ ڪرڻ جو سبب پڇيو؟

مهيش منهن ملول ڪندي چيو، "يار منهن جو
پئون نڪري ويو."

رميش سندس اکر ٻڌي کلڻ لڳو ۽ کيس چيائين،

هتان قريبن ٥٠ ڪلوميٽر پري آهي."

مهيش سندس ڳالهه ٻڌي ڪري ويچارن ۾ ٻڏي
ويو. سوچڻ لڳو ته هن ويچاريءَ جي ڪهڙي زندگي
آهي؟ ڇا ته سندس سونهن آهي! سندس پيٽـ
مڙس سندس سونهن جو قدر ڪونه ڪيو آهي. اتري
۾ بس بيٺي ۽ مهيش جو ڇرڪ نڪري ويو. ڏٺائين
ته بس ڪنهن بس اسٽاپ تي بيٺي آهي. هن مين
کي همدردي ڏيکاريندي چيو، "تون چانهه
پيئنديءَ؟ ڪجهه کائينديءَ؟"

مينا پهرياڻ "نه"، "نه" ئي ڪئي پر مهيش جي
زور ڀرڻ تي هن چانهه پيئڻ لاءِ "ها" ڪئي. مهيش
بس مان لهي ڪري ٻه چانهه جا گلاس ۽ ڪجهه کائ
لاءِ وٺي آيو. ٻنهي چانهه پيتي. بس هلڻ لڳي
ٻئي ڇڏا ڳالهيون ڪندا پئي آيا. اٽري ب ۾ ٻيو بس
اسٽاپ آيو. مينا مهيش کي چيو، "مان هتي لهندس."
مهيش مينا کي چيو، "تو ته چيو ته مان ڦلاڻي هن
لهندس پر تون هتي ڪيئن ٿي لهين؟"

مينا جواب ڏيندي چيو، "منهن جي هتي ماسي
رهندي آهي مان اُنهيءَ وٽ وينديس." ائين چئي
ڪري مينا لهي وئي. بس به هوا سان ڳالهيون
ڪندي پئي هلي. مهيش ٻه ڪلاڪ کن کان پوءِ اچي
پنهنجي منزل تي پهتو. سندس دوست رميش

هزارن جو ڊرافٽ ٻئڪ ۾ جمع ڪرايو. مهيني کان پوءِ مهيش کي اهو ٻڌڻ هزارن جو ڊرافٽ آيو. جنهن سان گڏ هڪ چٺي به هئي. چٺيءَ ۾ لکيل هو:

"منهنجا پيارا ڀائو،

توهان هيءَ چٺي پڙهي ڪري تعجب ۾ پوندا ته چٺي لکندڙ ڪير آهي! مان اها ميدا آهيان جيڪا توهان سان ڪي سال اڳ بس ۾ سفر ڪري رهي هئي. انهيءَ سفر ۾ توهان جو پرس اڪري ويو هو. اهو پرس مون توهان جي کيسي مان ڪڍيو هو. منهنجو سچو نالو "ليدا" آهي. مان اهو ڌنڌو انهيءَ ڪري ڪندي هيس جو منهنجو مڙس سخت ٻيچ دارون پيئندڙ هو. هو ڪو به ڌنڌو ڪو نه ڪندو هو. مون توهان جو پرس ڪڍي اچي پنهنجي گهوٽ کي ڏنو ۽ انهيءَ مان اٽڪل ۵ سؤ روپيا ان-کيس ڏنم.

هن جنهن وقت توهان جا روپيا ڏٺا، انهيءَ وقت کيس خبر نه آهي ته ڇا ٿي ويو؟ هو مون کي گهوري ڏسڻ لڳو ۽ پنهنجي همت لڳائڻ کان انڪار ڪيائين ۽ رڙ ٻر اچي ڇڪيو ۽ قسم کڻي چوڻ لڳو، "مان وري اڄ کان وٺي دارون نه پيئندس. مون پنهنجي زندگي خراب ڪئي آهي، مون پنهنجو گهر تباهه ڪيو آهي."

”مون توکان اڳ ۾ ئي پڇيو تہ، ڇوڪري ڏٺهن ج-
ڪجهہ کٽي تہ ڪونہ ورتي! پر تو تہ مون کي الٽ
جواب ڏنو.“

”ناراض ٿيڻ لڳين. هوءَ ڇوڪري هڪ پاڪيٽ
مار آهي. هن توکي نہ ڇا پر مون کي بہ ڪونـ
ڇڏيائين. اهو سندس ڌنڌو آهي. پر اڃان تائين
هوءَ قانون جي چڪر ۾ ڪونہ آئي آهي.“ وڏي ڪ
ڪالونس پڇيائين تہ، ”پرس ۾ ڇا ڇا هو؟“

مهيش چيو، ”پنجاهہ سؤ روپيا ۽ ڪجهہ ڪاغذ
هئا.“

رميش مهيش کي چيو، ”هاڻي دکہ ڪرڻ جي
ضرورت ڪونہ آهي. اِهيءَ ڳالهہ کي وساري ڇڏ.
توکي همدردي ڏيکارڻ جو انعام ملي ويو!“

مهيش کان اِها ڳالهہ وسري ڪونہ پيئي پر ڪجهہ
وقت گذرڻ کانپوءِ مهيش کان اِها ڳالهہ وسري
وئي. ان سالن کانپوءِ مهيش کي هڪ خوبصورت
لفافو مليو. انهيءَ لفافي ۾ پنجن هزارن جو ڊرافٽ
ميل هو ۽ چٺي بہ هئي. چٺيءَ ۾ لکيل هو ۽
”مهرباني.“ چٺي، ڊرافٽ ۽ مهرباني اکر ڏسي
ڪري مهيش اچرج ۾ پئجي ويو ۽ سوچڻ لڳو تہ،
ڊرافٽ ڪنهن موڪليو آهي؟ سوچيندي، سوچيندي
مهيش هارجي ويو. مهيش لاچار ٿي ڪري پنجن

هڪ گهر ۾ ڇاهيون

هو نوڪريءَ ۾ مون وٽ نئون، نئون آيو هو. هو هڪ شريف ڇوڪرو هو. جنهن وقت نوڪريءَ ۾ آيو هو، تنهن وقت سندس عمر ٢٠ سال کن مس هئي. هو سڀاءَ جو سادو، نوڙت وارو ۽ ڳالهائڻ جو مٺو هو. هن کي سنگيت لاءِ ڏاڍو پيار هو ۽ ڳائڻ ۾ سٺو ڳائيندڙ هو. ڳائڻ جي ڪري هن آفيس ۾ سڀني کي پنهنجو ڪري ڇڏيو. هن ۾ ڪا به عادت ڪونه هئي ته ڪڏهن سگريٽ ڇڪيندو هو. هو پنهنجي مستيءَ ۾ مست رهندو هو. هو بنگالي ته هئڻ هو. سندس نالو "ديوندر ناٿ" هو. اسان کيس پيار مان "ديو" ڪري سڏيندا هئاسين. سنگيت جي ڪري، هن جو گهڻن ساٿين سان تعلقات ٿيو. ٿوري وقت ۾ هن جو نالو ڏاڍو چمڪي پيو. ڏاڍي، ڏاڍي هو به جوانيءَ ڏانهن وڪ وڌائيندو ئي هليو.

سندس من ۾ ڪنهن لاءِ پيار جو ٻج ڦٽڪي ويو. هن جي من ۾ شادي ڪرڻ جي تمنا پيدا ٿي.

اهڙيءَ طرح سڄو ڏينهن چلائيندو رهيو. پڇاڙي ڏينهن هن ڳالهه وهلايو. ڳالهه وهلائي ڪري هو ڪمائڻ لڳو. ڳالهه ٿي. ماڻهن کي پئسن سان روٽي ڪارائيندو هو. مان به ڪيس مدد ڪندي هيس. پاڻ روٽي ڪاهڻ جو سٺو ڄاڻو آهي. اهڙيءَ طرح اسان اڳتي وڌندا رهياسين. هينئر اسان کي پنهنجو روٽي ڪارخاني جو ڌاڻو آهي. جنهن جو پئسو هن سان گڏ موڪليان ٿي. توهان کي عرض آهي ته هڪ دفعو اسان وٽ اچو. توهان اسان لاءِ ڀڳوان جا روپ آهيو ۽ هڪ قسم جا فرشتا به آهيو. توهان جي رحم اسان جي زندگي بدلي. مان توهان جو قرض لاهي نٿي سگهان. پر توهان هيءَ ننڍي موڪليل ڀيٽ ضرور قبول ڪندا. مون کي اهڙو شرم ٿو اچي جو مان توهان کي پنهنجي شڪل ڏيکاري نٿي سگهان."

توهان جي ڀيڻ
ميدا عرف ليدا

مهيش چنڊ پڙهي چپ ٿي ويو، خوش ٿي چوڻ لڳو، مون جهڙو خوش نصيب انسان هن دنيا ۾ ڪونه آهي جو مدهن جي پئسن جي ڪري ڪنهن جو گهر ٺهي پيو."

ٻنهي جڏهن اڳهر لئي ١٥ ڏينهن موڪل منظور ڪرائي رکي هئي. گنگا ۽ ٻڌو ١٥ ڏينهن کان پوءِ موٽي آيا. هڪ نئين زندگي ٺاهي آيا يعني ڪ سول مئرج ڪري آيا. ٻئي ڄڻا بالغ هئا ۽ تنهن ڪري گنگا جو پيءُ ڪجهه به نه ڪري سگهيو.

شادي کانپوءِ سندن گهرسٽي ڏاڍي سٺي گذري رهي هئي. چوندا آهن، ”لڪشمي ايندي آهي ته اچڻ وڃڻ آهن.“ اهو حال ٻڌو جو ٿيو. هاڻي هو ”ٻڌو“ ”ٻڌو“ ڪونه رهيو. هن ۾ ڪافي ليڊ بال اچي وئي هئي. محفلن ۾ اچڻ وڃڻ ڪري ۽ هن ۾ شراب پيئڻ جي عادت پئجي وئي. هاڻي گنگا به ساڳئي گنگا ڪونه رهي. هوءَ به ماڻهن جي گهر ڏاهڻ لاءِ رشوت وٺڻ لڳي. ايتري قدر جو گنگا به پنهنجو رستو اختيار ڪيو ۽ ٻڌو پنهنجو. ٻنهي جو اهو روز جو ڪارڻ ٿي پيو.

ٻن سالن کانپوءِ گنگا کي پٽ ڄائو. هيڏانهن گنگا پٽ جي موه جي ڪري ٻاهر گهٽ نڪرندي هئي. پر رات جو گهر ۾ محفل لڳائي ويٺي هوندي هئي. ٻار کي پالڻ لاءِ هن آيا رکي هئي. ٻڌو ماڻهن جي عيش عشرت ۾ ٻوڙيو هو. سندس ڌيان گنگا ڏانهن گهٽجو پئي ويو. هيڏانهن ٻڌو جا دوست ٻڌو جي گهر

هن وقت هو ٢٥ سالن جو ٿيو هو. مختلفن ۾ سنگيت
ڏيڻ ڪري سندس سمورڪ ۾ هڪ ڇوڪري آئي
هن ڇوڪريءَ ۾ ڪا به ڪشش ڪونه هئي. هوءَ رنگ
جي سانوري ۽ قد جي ڊگهي هئي. پر ڊيو کي خبر
نه آهي ته ڇو هن لاءِ پيار پيدا ٿيو؟ ڊيو کي هن
لاءِ اهڙو پيار پيدا ٿيو جو هو نوڪريءَ تي رهندي
هر وقت پيو هن سان فون تي ڳالهائيندو هو. ڊيو
جو من هميشه هن سان ڳالهين ڪرڻ لاءِ بيـ
ٿڦندو هو.

ڇوڪريءَ جو نالو گنگا هو. هوءَ هڪ وچولي
گهر جي هئي. سندس پيءُ جي دڪان هو. گنگا
ساڳئي شهر ۾ نوڪري ڪندي هئي. گنگا جي ماءُ
کي جڏهن سندس ڌيءَ جي پيار جي خبر پيئي ت
هن کي ڪافي غصو آيو. غصي جو ڪارڻ اهو هو
ته ڊيو بنگالي هو ۽ گنگا سنڌي هئي.

ٻنهي جي پيار جو ٻيج اهڙو پختو ٿي ويو جو
ٻئي جڻا هڪ ٻئي کانسواءِ رهي نه ٿي سگهيا
هڪڙي ڏينهن موقعو ڏسي، ٻئي شهر ڇڏي ڀڄي
ويا. ڪيڏانهن ويا؟ اها خبر ڪنهن کي ڪونه هئي
گنگا جي پيءُ پوليس ۾ رپورٽ ڪرائي ته سندس
ڌيءَ کي ڊيو ڀڄائي وٺي ويو آهي.

ڇر ۾ هڪ چاهه جي ٻهاءَ ۾ چاهيون ٿيون. گنگا
جي دل ۾ ٻبو لاءِ نفرت پيدا ٿي. گنگا طلاق وٺڻ
لاءِ ڪيس داخل ڪيو. ٻبو کي نوٽيس ڏنائين ته
گهر خالي ڪري وڃ ڇاڪاڻ ته گهر گنگا جي نالي
هو. ٻبو هيٺئين محسوس ڪرڻ لڳو ته انهن سڀني
ڳالهين جو ڪارڻ ٻاڻ آهي. هن پنهنجي هٿن سان
پنهنجي گرهستي ختم ڪئي.

ٻبو اڳ کان وڌيڪ شراب پيئڻ لڳو. ٻئي طرف
گنگا ڪلهي عام ائين سان گهمڻ لڳي جهن کي
دل ۾ جڳهه ڏني هئائين. ٿوري غلطي ڪري هڪ
پيار ڀري زندگي ختم ڪري رهي هئي. ڏهڻ لـي
پنهنجي کي سمجهايو پر ٻئي ضد ٿي هئا. سڀني اهو
پي سوچيو ته طلاق ملندو يا نه. نيٺ ڪين طلاق
مليو. طلاق هوندي به ٻئي هڪ ڇت هيٺان اڃان رهيا
پيا آهن.

۾ اچڻ لڳا. ٻڍو کي اها خبر ڪانه ٿي ته اهي آ
سندس دوستن جو گهر ۾ اچڻ ڪري، گرهستي
دار ٿيڻ جو امڪان آهي. ٻڍو ٻنهن جي ڀيٽ
پورو، گنگا ٻنهن جي مقصدن ۾ پوري. هيئنر گنگ
کي ڏيئ جائي. گهر ۾ ڪل ۴ ڀاتي هئا.

وقت گذرندو ٿي هليو ۽ ٻنهي ۾ تبديلي ڪوا
آئي. گنگا ٻنهن جي نالي تي هڪ جاءِ ورتي. جتي
چار ئي ڄڻا رهندا هئا. گنگا جي دل ۾ ٻڍو جي
بجاءِ ٻئي ڪنهن جڳهه ورتي. ٻڍو کي اڻهيءَ ڳالهه
جي سمجهه پئجي ويئي. هيئنر حال اهو ٿيو جو سندس
گرهستي ٽٽڻ لڳي. هڪ گهر ۾ رهندي، ٻنهي
هڪ ٻئي سان ڳالهائڻ ڇڏي ڏنو. گنگا پنهنجي ٻارن
سان خوش هئي. هن پنهنجي ٻارن کي مڙس جي
۾ خلاف ڪري ڇڏيو. ايتري قدر جو ٻار به پيءُ سان
ڪونه ڳالهائيندا هئا. گنگا دنياداري جي نالي
مڙس لاءِ روٽي ٽيبل تي رکي ويندي هئي. ڪيتر
روٽي کائڻ لاءِ به ڪونه چوندي هئي، نه وري ٻا
پيءُ کي چوندا هئا. حالت اهڙي ٿي جو ٻڍيءَ جي
گهر ۾ ماليءَ جي عزت ڪونه هئي. ٻڍو جي دل
گنگا لاءِ نفرت پيدا ٿي. هو گنگا کي مارڻ لاءِ تيا
ٿيو. پر ٻڍو ڪجهه به ڪونه ٿي ڪري سگهيو.

هيئنر ٻڍو گهر ۾ پاڻ روٽي پچائڻ لڳو. هاڻي

ٻنهي جي همت ۽ مرضيءَ سان آفيسر ٿي ويو. سندس ٻارن ۾ وڏي نوڪرن لئي لڳا. ٻارن جي شادي ڪرايائين. ٿوري وقت ۾ پڇاڙيءَ سندس ماءُ پيءُ گذاري ويا.

سندس گهر مان ٻنهي ٻارن گهٽ ڏنا تا. ڪيس وري ٻچا پڻ ڏنا ڏنا. ڪيس ڏيڻ ڪونه هئي. ديوان آفيسر هٽڻ ڪري ۽ ڏيڻ نه هٽڻ ڪري هن کي ڪنهن جي پرواهه ڪونه هئي. ڪيس ديوان پڻي جي خدڪي هوندي هئي. هو هر ڪنهن لحاظ کان سٺو انسان هو پر سندس ۾ ڪي ڪمزوريون هيون. هڪ ته هو ڪنجوس هو. ٻيو نه هن ۾ ڳالهائڻ جو ڍنگ ڪونه هو.

سندس ٻنهي پٽ ٿڙ هئي ٻيا ۽ سڀني ۾ ڇهي سٺين نوڪرين تي لڳا. ٻنهي پٽن جي شادي سند جي الڳ، الڳ حصن جي چوڪرين سان ڪرائي هئائين يعني ڪ ڪا حيدرآبادي هئي ته ڪا وري ساهتي جي، ڪا سکر جي، ڪا ڏرپارڪر جي ته ڪا لاڙڪاڻي جي هئي. سندس گهر نونهرن جي ڪري هڪ ڪاسمو پوليٽن گهر ٿي پيو. الڳ، الڳ ٻولين جي هڪ مالها هئي. سندس نونهر الڳ، الڳ خيالن جون هيون. سندس ڏال ٻـــ سهڻي ۽

مقدما

ديوان دلپتراءِ هڪ وڏو گهراڻي جو ٻالڪ هو
سندس پيءُ هڪ وڏو آفيسر هو. ننڍي هوندي
هن پيءُ جي اهلڪاريءَ ۾ سڀ سک ڏٺا هئا. ابتڙي
قدر جو هن ٻٽ ئي پيو اسان مشڪل ۾ ڪيو هوندو
ديوان دلپتراءِ جي پيءُ جي ريٽائر ٿيڻ ڪانپوءِ سندس
مالي حالت خراب ٿيڻ لڳي. سندن اهڙي حالت
ٿي جو دلپتراءِ جڏهن پٽ ئي پيو ڪونه رکيو هو
ڏڏهن کي پڙهن جي ماءُ پيءُ، ٣ ٻارن ۽ زال ۽ ٻار
کي پالڻ مشڪل ٿي پيو. ڪڏهن، ڪڏهن سند
گهر ۾ چلهه اسان ڪونه ٻرندي هئي.

دلپتراءِ ۾ هڪ خوبي اها هئي جو هن وقت
سان مقابلو ڪيو. انهيءَ مقابلي ۾ هو ڪامياب ويو
دلپتراءِ ميٽرڪ پاس ڪري نوڪري ڪئي. پڙهن جي
ماءُ پيءُ، زال ۽ ٻن ٻارن جي پرگهور لهڻ لڳو
هن ڪڏهن به پڙهن جي ٻارن کي اهو محسوس
ڪرڻ ڪونه ڏنو ته هو ڪي غريب آهن. ديوا

سياڻي جي ڏاڪٽري سندس اولاد ڪالونس طبيعت لاءِ
ٻچن کان ڪوٺائيندي هئي. هڪ تونهن ڪانسواءِ ٻيون سڀ
تونهن منجهان قبري ويس. سندس اهڙا تونهن وڌ
ڏهراڻي ۽ شاهوڪار جي ڌيءِ هئي. نوڪريءَ واري
۽ ڪافي ٻڙهل هئي. ديوان انهيءَ تونهن ٻڌ ۽
ٻارن کي ڪافي لنگهه ڪيو. سندس ٻارن کي ڪوٺ
ٻچندو هو. ڪين ننڍا لفظ چوندو هو. انهيءَ نه نهن
کي ٻنهن جي سهري لاءِ چڱيءَ ٻيا انسان ذات لاءِ
چڱي، ڪاني عزت هئي. انهن لئي ٻيڪي گهر
جو اثر ٻيل هو نه شهوا چاڪي تو چڱي؟

سندس تونهن ٻنهن جي مرس کان لڪائي ڪري
ٻنهن جي سس سهريب کي ان وقت روئي لڪائي
ڪارائي ائندي هئي. انهي قدر جو سندس سهرو
ڪ ڦي ڪمزور ٿي ويو هو، ٻنهن کي همت سان روئي
ڪارائيندي هئي. اونهن جي شيوا ڏسي ڪري ديوان
جي اکين م پاڻي اچي ويو ۽ ڀئيندي تونهن کي
چيائين، "پٽ، مون توکي ڪافي لنگهه ڪيو هو.
توکي کهڻ وٽ ڳالهائيندو هوس. انهي ڳنڍ جو مان
توکي ڪڏهن ڪميڻي ٻ چوندو هوس. پر شاباس
توکي آهي جو تو ڳڏ ٻال ڳالهيون وساري ڪري
منهن جي ئي شيوا ڪرين. تون ڪميڻي نه، پر

خانداني هئي. هر وقت هن کي ٻنهن جي سوانن
صفائي جو خيال رهندو هو. انهن سمجهه ۾ ڪونه
ٿي آيو ته سندس زال ٻار ڪيئن پاليا؟

ديوان دلپتراءِ به نوڪريءَ مان رٽائر ٿيو. سڄو
ڏينهن گهر ۾ ويٺو هوندو هو. ٻاهر ڪونه نڪرندو
هو، ڇاڪاڻ ته سندس دوست گهٽ هئا. ديوان
جي اڪيلي زندگي ڳالهائڻ ڪري ٻ گهر ۾ سڄو ڏينهن
وهڻ ڪري سندس سڀاءُ سخت، سٿر ۽ ٿورو تسي پيو
انهيءَ ڪري سندس پٽ ۽ نوڪر ڊڄي، ڊڄي
الڳ ٿيندا ويا.

هاڻي اهو وقت آيو جو ٻئي زال مڙس اڪيلا گهر
۾ رهندا هئا. ديوان ۽ زال اڪيلي زندگي مان ڏاڍ
خوش هئا ڇاڪاڻ ته ڪين ٻارن جي گندگي، نقصان
ڪرڻ ۽ رڙيون واڪا ڪونه ٻڌندا هئا. ديوان ڪڏ
ڪڏهن به زندگيءَ ۾ بخار ڪونه آيو هو. هو ٻار
کي راوڻ کان گهٽ ڪونه سمجهندو هو. جهڙي
طرح راوڻ کي هڪ ڏينهن مصيبتن سان مقابلو ڪرڻ
پيو، اهڙي طرح ديوان صاحب تي ايشور ڏاڍ
مهربان هو ۽ کيس سبق سيکارڻ ٿي چاهيو، تنهن
کيس معمولي بخار ڏنو. انهيءَ بخار جي ڪري ديوان
صاحب جو کٽ تان اٿڻ مشڪل ٿي پيو. سندس

ڏيءَ جا اکر پڌري ٿيءَ ڇپ ٿي وئو. انهيءَ
ت ڇوڪري ٿيءَ کي هٿ ڪان وٺي ڏاڏي جي
وٺائي. ٿيءَ پٽ کي ڏسي ڏاڍو گڏ گڏ ٿيڻ لڳو.
وان جي اکين مان ڳوڙها ڪري پيا. اهي ڳوڙها
شيءَ جا هٿا ٿا پڇتاپ جا، اهو ڇٽي نڪتو
هجي. زندگي ڀر جي ممتا ۽ پيار ٿيءَ لٽ
ملي.

راڻي آهين."

اِئين چئي ڪري ديوان ڪائونس معافي وٺڻ لڳو
ٻنهي جي نوڪرن جي پيرن تي هٿ رکي زار زار
روئڻ لڳو. ديوان جي نوڪرن سان گڏ ديوان جي
پوٽي ٻچي هئي، جنهن جي عمر ٧ سال ڪن مسر
هئي، تنهن کي ٻنهي جي ڏاڏي جي حالت ڏسي
ڏاڍو ڏک ٿيو. ماءُ کان پڇڻ لڳي، "ممي، ڏاڏي
دادا کي ڇو نه ٿو ڏسڻ اچي؟

ماءُ چيو، "ٻچت، اهو سوال ٻنهي جي ڏاڏي
کان پڇ."

ٻچيءَ کي ڏاڍو خيال ٿيو. سندس پيءُ جڏهن
وقت آفيس کان آيو، اُنهيءَ وقت ٻچيءَ ٻنهي جي
پيءُ کان هڪ سوال پڇيو، "ڏاڏي توهان کي ٻـ
ٻار آهن. هڪ مان ۽ ٻيو منهن جو ننڍو ڀاءُ
جيڪڏهن توهان بيمار ٿي پئو ۽ توهان جو ٻـ
توهان کان توهان جي بيماريءَ جو نه پڇي ته توها
کي ڏک ٿئي يا نه!-

پيءُ جواب ڏنو، مون کي ڪافي ڏک ٿيندو."

ڇوڪريءَ چيو، "پوءِ توهان ٻنهي جي پيءُ کا
ڇو نه ٿا پڇو؟ جيڪو ڪيترن ڏينهن کان بيمار آه
۽ ڪافي ڪمزور ٿي ويو آهي."

م واري عمدڪ ليڪ ڪري مونکانئن نهارڻ لڳي.
ون سمجهو ته هوءَ شايد ڪونه سڃاڻندي، ڇاڪاڻ
ڪيس مغز ۾ اهائي پئي واري خدڪي هوندي،
منهن جو اندازو غلط نڪتو. هوءَ مون کي سڃاڻو
وڏي پاڪي ٻالي ملي.
مان سوچڻ واٺس ته ڪيتان سچ نڪتو آهي، جو
ڦي هيتري پئي هوندي، جيڪا اڄ ڪنهن کي
ڪونه پڇندي هئي، سا ڪيئن پاڪر ٻالي ملي
هي! جنهن وقت پاڪر ٻالي ملي ته سندس
ونهن ۽ پوڙا اکيون ڦاڙي ڏسڻ لڳا ته اڄ ڏاڏي
ڏاڍي خوش ٿي نظر اچي. هوءَ ٻينگوي مان اٿي
ڪري اچي صوفا تي ويٺي. منهن جي ٻالي ۽ امان
اءِ پڇائن. مون ٻڌندي کيس ٻڌايو ته پئي جڏا
ٻگوان وٽ وڃي سکي ٿيا آهن.
مون کيس ڏورانهو ڏيندي چيو ته تو ۽ ٻڍڙ
ڪونه رهايو. توهان اسان سان ٻنڌڻ ڪونه، ٿي
ڇڏيو. مون ٻڍڙ جو نالو ورتو ته هوءَ جو منهن ڦري
ويو، جيڪا سندس منهن تي چمڪ ۽ خوشي هئي
سا گهڙي پل ۾ ڪافور ٿي ويئي. مون سوچيو ته
ٻڍڙ شايد گذاري ويو آهي، جو هوءَ جو منهن ڦري
ويو. ڳالهين جو سلسلو جاري رکندي، هوءَ چيو،
" ٣ پٽ، ٢ ڌيئر اٿم. سڀني جي شادي ڪرائي

ڪيڏانهن ويا اهي ڏينهن؟

رٽائر ٿيڻ کانپوءِ منهنجو ارادو ٿيو ته. هڪ
هڪ ماڻهن سان ملان ۽ انهن جو حال ڏسان، ڏيا
۽ وٺان. پهرين منهنجو خيال ٿيو ته پنهنجي
پکيءَ سان ملان جيڪا مون وانگر پوڙهي ٿي وئي
هوندي. منهنجي پکيءَ جي ائڊريس ڳولهي انهي
شهر وڃي پهتس جتي پکي رهندي هئي. جوانيءَ
۾ پکي ۽ پڪڙ پئسي جي نشي جي ڪري اسان کان
پري ٿيندا پئي ويا. اسان سان سنبنڌ ڪونه رکيا
هئائون. پئسي جي ڪري پکي پاڻ جهڙو ڪٽنب ڪي
ڪونه سمجهندي هئي. پر هيئنر مون ڏسڻ ٿ
چاهيو ته پکيءَ جي سڀاءُ ۾ فرق آيو آهي ڪين نه
مان پکي جي ائڊريس مطابق سندس گهر ڳولهي
وڃي لڌو. صبوح جو ١١ ٿيا هئا. مان پکي جي
گهر ۾ گهڙيس. پکي پينگهي ۾ لڏي رهي هئي
مون اڳتي وڌي ڪري کيس نمسڪار ڪئي
پکي جيتوڻيڪ مون کان ٥ سال وڏي هئي، پ
مان هن کان وڏو لڳي رهيو هيس. پکي سوني

داري. ٻچيءَ جي ڳالهه، ٻڌي دل ۾ ڪاوڙ آئي
اند پيدا ٿي ته ٻچڙ سان ملان. ٻچي روئي ڪاڻ ۽
، ٣ ڏينهن رهڻ لاءِ چيو. مون ڪيس چيو ته وري
ندس. شام ڪالين ٻچي وٽ ويو هيس. راڻ جو
ڇهر موئي آهيس.

ٻئي ڏينهن ٻچڙ سان ملڻ ويس. ٻچڙ جي
شڪل ڏسي ڪاوڙ ٿيو. سوچڻ ويس ته ٻارن
هوندي ٻچڙ ٻيا آشرم ۾! ٻچڙ سان ڳالهيون ڪندي
معلوم ٿيو ته ڏهه ٻهي جو آهي. ٻچڙ ۾ سهڻ شڪتي
۽ اڪ ٻوٽ ڪرڻ جي شڪتي ڪو نه آهي، الهيءَ
ڪري اڄ هيءُ ڏينهن ڏسي رهيو آهيان. ٻچڙ ڳالهين،
ڳالهين ۾ چوڻ لڳو ته ٻيڻ! ڪير به ڪنهن جو ڪونه
آهي. ڏڏهن جي ٻچيءَ جي ڪري سڀني سان ناتا
ٽوڙيم، هاڻي ٻڌاءِ ته ڪنهن وٽ وڃان! اهي ٻه
ڏينهن هتا جڏهن زال ۽ ٻارن سان گڏ هڪ جڳهه
هيڏان رهندو هيس، پر اڄ مان ٻيا آشرم ۾ آهيان.
مان به ٻچڙ ڪان موڪلائي هليس. سوچيندو رهيس
ته چاچي ٻچي گهوٽ کي ياد ڪري ۽ ٻچيءَ ٻهن
جي گهوٽ کي ڪيئي ڇڏيو. واهه ڙي زمانا!
ڪيڏانهن ويا اهي ڏينهن؟

ٻچيءَ سان ملاقات ڪالهه وهه ملهن جي من ۾ اڪثا
پيدا ٿي ته ماسيءَ سان ملان. مان ٻهن جي ماسيءَ

ڇڏي اٿم. سواءِ هڪ پٽ جي سڀئي هـن شهر ۾
رهندا آهن. مان ڪڏهن ڪڏهن پٽ وٽ ۽ ڪڏهن
ڪنهن ٻئي وٽ رهندي آهيان. سڀئي عزت ڏيندا
آهن. پٽ، پوٽا، نونهر ۽ ڌيئر سڀئي پريم سان
هلندا آهن.“

مون دل ٻڌي ٻڍيءَ کان پڇيو ته، ”ٻڍڙ ڪٿي
آهي؟“

منهن جو پڇڻ ۽ ٻڍيءَ جو گرم ٿيڻ ۽ چوڻ لڳي
”تون ڪنهن جو ٿو نالو وٺين؟ تون شايد منهن جي
ٻڍڙ کي ڪونه ٿو سڃاڻين! جڏهن کان وٺي مان هـر
جي زندگي ۾ آئي آهيان، تڏهن کان وٺي هن مور
کي ڪو به سک ڪونه ڏنو آهي. هميشه وڙهنـد
رهندو هو. ڪنجوس به پهرين نمبر جو هو. پائي
پائي جو حساب وٺندو هو. سڀاءَ جـو وري شڪي
هو. مون به نوڪري ڪئي تنهن ڪري پيار سـ
سان پاليم، پر تنهن جي ٻڍڙ زندگـي ۾ ڪجهه بـ
ڪونه ڪيو. ٻار به وڏا ٿيا. سندس ڪٽ پٽ جـ
سڀاءَ هلندو ئي آيو. لاچار پٽن کيس ٻـڍا آشـرم
رکيو. توکي جيڪڏهن ساڻس ملڻو آهي ته ٻڍا آش
۾ وڃي ملڻس.“

مان دل ۾ سوچڻ لڳس ته ٻڍڙ ويٺو ٻـڍا آش
جي هوا کائي ۽ ٻڍي ويٺي گهر ۾ آرام جي زندگ

...هو ويا آهن.”

اِهي اکر ٻڌي مدهن جو ڇرڪ نڪري ويو. مون ...ر کڙڪايو. اندران آواز آيو ته، ”ڪير آهي؟“ مون ...ڇيو ماڻس ته مان ڦلاڻو آهيان. مدهن جو نالو ٻـڌي ...ڪري ماسيءَ دروازو کوليو. مان اندر گهڙيس. ماسيءَ کي ڏسي ڪري سرهائي وئس. ماسي مون کي ڏسي زار، زار روئڻ لڳي! مان کيس پرچائڻ لڳس. ماسيءَ چپ ڪئي. مان سندس حال احوال وٺڻ ويٺس.

ماسي چوڻ لڳي، ”پٽ! ٻاٻاڻي ۾ ڪير ٿو ڪنهن کي پڇي؟ ٻڍاپو ڏاڍو خراب آهي. هيٺـر مان بيمار ٿي رهان. ڪرڻ وارو ڪو نه ٿو اچي. نظر گهٽجي وئي آهي. ٻوڙاڻ اچي وئي آهي. ٽنگون جواب ڏئي بيٺيون آهن. ٻاهر نڪري نٿي سگهان.”

ماسيءَ جي سونهن غائب هئي. اها سندس لڪ واري اوڏ ختم ٿي وئي هئي. اڪيلي گهر ۾ هئي، نه کيس ڪو پـٽ وارو هو، نه وري ڪو کيس پرچائڻ وارو هو. ڏاڍا ويهي ڏوراپا ڏنائين؛ چوڻ لڳي، ”ڪهڙا نه اهي ڏينهن هئا! جڏهن زندگي هڪ بهار جي موسم وانگر هئي. پر اڄ هڪ مرجهايل گل وانگر بيٺي آهيان. ڪو به پڇڻ وارو ڪو نه آهي.

سان ملڻ لاءِ اُڪنس. ماسي ننڊي هوندي کان وٺي
ڏاڍي سُٺي هوندي هئي. سُهڻي به اهڙي هئي
جهڙي اپسرا. پاڻي پيئندي هئي ته سندس نڙي
مان ڏسڻ ۾ ايندو هو. ڀڳوان کيس فرصت ۾ ويهي
ناهيو هو. کيس سونهن تي ڏاڍو ناز هو. پاڻ جهڙ
ڪنهن کي ڪونه سمجهندي هئي. سندس لاءِ ڪافي
مائٽيون آيون. ايتريقدر جو ٻه ٽي ڪليڪٽر به آ
هوندا، پر سڀني مان ڪي نقص ڪڍندي هئي
ڪنهن لاءِ چوندي هئي ته ڪارو آهي، ڪنهن لا
چوندي هئي ڏند ٻاهر اٿس ته ڪنهن لاءِ چوندي
هئي ته نڪ طوطي جي چهنب جهڙو اٿس پر نقص
ڪڍڻ ۾ ڪنهن کي به ڪونه ڇڏيائين.

هڪڙي هئي سُٺي ته ٻئي طرف هئي شاهوڪاري
پر سو کيس ڏاڍي مغروري هئي. سندس مغروري
جي ڪري هوءَ ڪنواري رهجي ويئي. نوڪري
ڪيائين پر مزو ڪونه آيس. نوڪري ڇڏي ڏنائين
ماسيءَ جو ڏس پتو وٺي ڪري وڃي ماسيءَ جي
گهر لٿس. مٺن جي دل ڏڪرائجي ويئي جڏهن
ڏٺائين ته ماسيءَ جي گهر کي تالو لڳو پيو آهي. ما
سوچ ويچار ۾ پيو هيس ته اوچتو هڪ پاڙي وار
مليو، جنهن کان پڇيائين ته "هيءَ ڪيڏانهن ويا آهن؟
هن چيو ته، "پيڻ اندر ويٺي آهي، پاڻ ۽ ٻاجا

برڌ اوسٿا ۾ گهر جون ذميداريون

برڌ اوسٿا جي معنيٰ آهي ٻڍاپو. هاڻي سوال ٿو اٿي ته ٻڍاپو ڇا آهي؟ ٻڍاپو ڇاڪاڻ ٿو چڙهي؟ ٻڍاپو به هڪ بيماري آهي، جيڪا مرڻ گهڙي تائين انسان جو ساٿ نٿي ڇڏي. موت سان گڏ وڃي ٻڍاپو به ختم ٿي ٿو وڃي. جهڙي طرح برسات جي موسم ڪانپوءِ سرديءَ جي موسم ٿي اچي، جڏهن ته سڀئي وڻ ٽڻ پنهن جو، پنهن جو لباس ڇڏيندا آهن؛ يعني ڪ پن ڪري پوندا آهن ۽ وڻ ٽڻ سڪل ٺوٺ لڳندا آهن. اهڙي طرح انسان کي به جواني ڪانپوءِ ٻڍاپو ٿو اچي. ٻڍاپي ۾ آشائون ۽ ترشنائون وڌن ٿيون ۽ ڪم ڪرڻ جي طاقت گهٽجي ٿي وڃي.

ڪنهن انگريزيءَ ۾ چيو آهي،

"In old age desire increases,
And Efficiency decreases."

انهيءَ جو مطلب ٿيو ته ٻڍاپي ۾ انسان جون خواهشون وڌن ٿيون، ۽ ڪم ڪرڻ جي شڪتي گهٽجي ٿي

سيڪو ٻاهر گهمڻ نڪري ٿو وڃي ۽ مون کي ڇوڙ
ٿا ٻاڳلن وانگر بند ڪري ٿا وڃن."

منهنجي اکين ۾ پاڻي ڀرجي آيو. مان سوچـ
ونس ته ڪيڏا هن ويا آهي ڏينهن، جڏهن ماسي
ٿان سيڪو ڦرٻان ويندو هو ۽ سندس سونهن جـ
ساراه جا ٻيڪ ٻڌا هئا. پر اڄ منهنجي ماسي
اداس ۽ ملول کٽ تي سمهي پيئي آهي ۽ پنهنجي
زندگي جا ڏينهن ڳڻي رهي آهي، وقت جنهن ٿما
سندر، بهادر ۽ سهڻين کي پنهنجو ٻڪ ڪيو، تنهـ
جي اڳيان منهنجي ماسي ڇا آهي!

واقعي ڪيڏا هن ويا آهي ڏينهن ۽ آهي ماڻ
جن سان گڏ ماسيءَ وقت گذاريو پر اڄ هوءَ اڪيلي
گهر ۾ کٽ تي سمهي پيئي آهي.

شيون اسان کي جوانيءَ ۾ طاقت ۽ سواد ڏينديون
هيون سي اسان لاءِ ٻڍاپي ۾ زهر برابر آهن، ڇاڪاڻ
تہ ٻڍاپي ۾ اسان جي اندرين کي کاڌي پچائڻ لاءِ
اها طاقت ڪانہ آهي جيڪا جوانيءَ ۾ هئي. کاڌو
اهو کائجي جيڪو جلد هضم ٿئي. انهن کان وڌيڪ
خاص سوچڻ جي ڳالهہ آهي تہ اسان کي ٻڍاپي ۾
لداغ ۾ رهڻ نہ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ لداغ سڀني بيمارين
جي جڙ آهي. لداغ مان دل جي بيماري، مثلا پيشاب
۽ بلڊ پريشر ٿو ٿئي. انهيءَ ڪري شرير جو پاڻيڇو
ڍهي ٿو پوي.

ٻڍاپي ۾ انسان پاڻ ٿو ٿئي. هن ۾ سهڻ شڪتي
گهٽجي ٿي وڃي. انسان کي پاڻ ۾ سهڻ شڪتي پيدا
ڪرڻ گهرجي. گذريل ڳالهين کي ياد نہ ڪجي.
چوندا آهن، "ڏنو سڀ وسار، الله ڏي کي ياد ڪر."
اسان کي انهن نہ سوچڻ گهرجي تہ مان ڪهڙو هيس!
منهن جي نوڪري ڪهڙي تہ سٺي هئي! ڪيترا نہ ئي
نوڪر چاڪر هوندا هئا يا ڪيتري نہ سٺي پگهار
ملندي هئي. انهن ڳالهين کي ياد ڪبو تہ وڌيڪ،
وڌيڪ ڏک ئي پئبو. اهو بہ نہ سوچڻ گهرجي تہ
هاڻي مون کي ڪو نہ ٿو پڇي. انهن ڳالهين
کي دل سان هنڊائڻ نہ گهرجي.
ٻڍاپي ۾ اڪثر ڪري انهن کي آزار ڪٽڻو ٿو پوي

وڃي. هونئن ته ٻڍاپي جي عمر ڪا مقرر ٿيل ڪونه
آهي. پر حقيقت ۾ انسان کي ٻڍاپو ٥٥ سالن کانپوءِ
ٿو اچي. ٻڍاپو اهڙي طرح ٿو اچي جهڙي طرح ڪاس
کي انڌهي لڳندي آهي. نوڪريءَ ۾ هوندي
انسان کي احساس ڪونہ ٿو ٿئي ته هو ڪو ٻڍو ٿيو
